INTERNATIONAL PREMIER JOURNAL OF LANGUAGES & LITERATURE (IPJLL)
VOLUME 4, ISSUE 3 (S1), 2026 p-ISSN: 3007-2336 e-ISSN: 3007-2344

سنڌي ڪافي: تاريخي ارتقا، فني هيئت ۽ فڪري قدرن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

Sindhi Kafi: A Research and Critical Study of Its Historical Evolution, Formal Structure, and Intellectual Values

Dr. Muhammad Chuttal Bozdar dr.maiharsindhi@gmail.com	Assistant Professor Sindhi Department Govermment Boys Degree College Ratodero, Pakistan.
Dr. Ume Hani Sindhu Isani Umahaneebhutto@gamil.com	Lecture, GDBC, Karachi, Pakistan.

Abstract

Kafi is an important and widely appreciated genre of classical Sindhi poetry. Owing to its historical antiquity, formal structure, musicality, thematic diversity, and Sufi philosophy, it occupies a prominent position in the literary tradition of Sindh. The primary objective of this article is to examine the historical evolution, traditional background, semantic interpretations, formal characteristics, distinction from Wai, intellectual values, and thematic diversity of Sindhi Kafi through a research-based and critical approach. The study comparatively examines the views of various scholars and researchers concerning the origin and antiquity of Kafi, with particular attention to the arguments suggesting that the genre existed before the time of Shah Abdul Latif Bhittai. It also explores the generic status of Kafi and Wai, their formal structures, metrical patterns, thall (refrain or recurring opening line), recurring responses, and relationship with music. The article examines various formal patterns of Kafi, including Yaki, Dheṛhi, Beṇi, Teṇi, and Chauni, and discusses their relationship with Chhand Vidya (the traditional science of prosody), Ilm-e-Arooz (the quantitative system of poetic metre), and musical principles. Furthermore, the intellectual and thematic diversity of Kafi is explored through selected works by prominent Kafi poets, including Sachal Sarmast, Rohal Faqir, Misri Shah, Usman Faqir Sangi, and others. The findings indicate that Kafi is not confined to the expression of love and romantic emotions; rather, it encompasses Sufism, the doctrine of Wahdat al-Wujud (the Unity of Being), humanism, religious tolerance, social reform, moral values, human suffering, love for the homeland, and public consciousness. The study concludes that Kafi constitutes an important part of Sindhi literary, cultural, and musical heritage. It further highlights the need for critical examination of existing scholarly interpretations and additional research based on authenticated historical sources to develop a more comprehensive understanding of the genre's historical evolution and formal characteristics.

Keywords: *Sindhi Kafi, Classical Sindhi Poetry, History 0f Kafi, Poetic Form, Intellectual Dimensions of Kafi, Kafi and Wai, Sufi Poetry, Musicality, Traditional Prosody, Ilm-E-Arooz, Chand Vidiya.*

Corresponding Author: Dr. Muhammad Chuttal Bozdar (Assistant Professor Sindhi Department Govermment Boys Degree College Ratodero, Pakistan)
Email: dr.maiharsindhi@gmail.com

سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ ڪافي هڪ اهم ۽ مقبول صنف جي حيثيت رکي ٿي، جنهن جي ادبي، فڪري ۽ موسيقيائي روايت صدين تي پکڙيل آهي. هن صنف پنهنجي سليس ٻولي، دلڪش ترنم، فني سڻاءَ ۽ موضوعاتي وسعت وسيلي سنڌي سماج جي احساسن، جذبن، روحاني تجربن ۽ ثقافتي قدرن جي ترجماني ڪئي آهي. خاص طور صوفي شاعرن ڪافيءَ کي پنهنجي فڪر، انسان دوستي، مذهبي رواداري، عشق ۽ سماجي شعور جي اظهار جو مؤثر ذريعو بڻايو. ڪافيءَ جي تاريخي ابتدا، فني هيئت، موسيقيءَ سان تعلق ۽ وائيءَ سان صنفي فرق بابت سنڌي ادب ۾ مختلف علمي رايا موجود آهن. انهن نظرين جي تقابلي ۽ تنقيدي مطالعي سان ڪافيءَ جي تاريخي ارتقا ۽ فني سجاڻپ کي وڌيڪ واضح ڪري سگهجي ٿو. ساڳئي وقت ڪافي گو شاعرن جي ڪلام جو مطالعو هن صنف جي فڪري گهرائي، موضوعاتي تنوع ۽ سنڌي ادبي روايت ۾ ان جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي.

هن مقالي ۾ سنڌي ڪافيءَ جي تاريخي پسمنظر، تشريحي معنائن، فني بناوت، مختلف هيئتن، وائيءَ سان فرق ۽ فڪري توڙي موضوعاتي پهلوئن جو جائزو ورتو ويو آهي. تحقيق ۾ تاريخي، تشريحي، تقابلي ۽ تنقيدي طريقه ڪار اختيار ڪندي مختلف عالمن ۽ محققن جي نظرين سان گڏ چونڊ ڪافين کي مطالعي هيٺ آندو ويو آهي. هن مطالعي جو بنيادي مقصد سنڌي ڪافيءَ جي ادبي ۽ ثقافتي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ ان جي تاريخي ۽ فني سجاڻپ بابت موجود بحثن کي علمي بنيادن تي واضح ڪرڻ آهي. ڪافي سنڌي شاعريءَ جي اوائلي ۽ مقبول صنف رهي آهي .هيءَ شعري صنف قديم عرصي کان وٺي سنڌي شاعريءَ ۾ رائج آهي فني ٻيهڪ موضوعاتي حسن، ٻوليءَ جي خوبصورت استعمال جي ڪري ڪافي انساني احساس ،جذبن ۽امنگن جي ترجمان صنف رهي آهي اهو ئي سبب آهي جو اڪثر شاعرن ڪافيءَ جي صنف جي پنهنجي شاعريءَ لاءِ چونڊ ڪئي جن ۾ صوفي شاعرن جي گهڻائي اچي وڃي ٿي سنڌ جي اڪثر صوفي شاعرن ڪافيءَ جي ذريعي پنهنجي فڪر جي تبليغ ڪئي آهي ڪافيءَ جي شعري حسن کي ان جي موسيقيت پڻ نروار ڪيو تڏهن ئي ته اڪثر صوفي شاعر پنهنجو ڪلام پاڻ ڳائيندا هئا سنڌ اندر ڪافي ڪلام کي فنڪارن اهڙو ته دلفريب انداز ۾ ڳايو جو ٻڌڻ ئي سحر طاري ٿي ويندو هو مطلب ته ڪافي وادي سنڌ جي شعور جي تاريخ آهي هن صنف م عظيم شاعري موجود آهي پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي ڪتاب "شاهه جون وايون" ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته

> "سنڌ م ڪافيون چوندڙ شاعر ۽ ڳائيندڙ ريگستاني گلن وانگر ڳاڙهائي کان ٻاهر ٿي گذريا آهن جيئن ملهار جي مند ۾ واريءَ تي تڙيل گلن جي سندرتا تي هر ڪو مست ۽ حيران ٿيندو آهي تيئن سنڌي ڪافين جي حسن تي به هر ڪو فدا آهي."(1)

ادبي تاريخن جي اهم ڪتابن ۾ ڪافيءَ جي حوالي سان پرپور انداز ۾ بحث موجود آهن صدين کان وٺي سنڌ اندر ڪافيءَ جي صنف ۾ شاعري تخليق ٿيندي رهي آهي بقول ڪلياڻ آڏواڻي! جي ڪافيون چوندڙ شاعر ۽ ڳائيندڙ اڻ ڳڻيا ٿي گذريا آهن ته پوءِ آخر اُهي ڪهڙا سبب آهن ته ڪافيءَ جي ابتدائي دور وارو ڪو نمونو چو اسان جي محققن کي نه ملي سگهيو آهي. نالياري اسڪالر تاج جويو پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڪافيءَ جي حوالي سان راءِ ڏيندي لکيو ته:

> "ڪافي سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي شاعريءَ جي اهم ڪلاسيڪي صنف آهي اسماعيلي پيرن جي گنان جي سڻاءَ ڪافيءَ جهڙي آهي ان مان انومان نڪري ٿو ته ڪافي سومرن جي دور جي صنف آهي."(2)

ان مان معلوم ٿيو ته قديم عرصي کان وٺي سنڌ ۾ ڪافي لکجي رهي آهي پر اسان جي اڪثر محققن ڪافيءَ جهڙي اهم صنف جي حوالي اجايون سجايون ڳالهيون ڪري پڙهندڙن جو ۽ پنهنجو قيمتي وقت پئي ضايع ڪيو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته لفظن جي اجائي کوجناکي ڇڏي تاريخي روايتن ۽ فني مطالعي کان پوءِ آءُ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته وائي ۽ ڪافي هڪ ئي شئي جا به نالا آهن جيئن هڪ ئي صنف کي بيت ۽ ڏوهيڙو چيو وڃي ٿو تيئن هڪ ئي چيز کي وائي ۽ ڪافيءَ جي بن نالن سان سڏيو ويندو هو البته ايترو آهي.

"ته لاڙ ۾ وائي ڪونڊ جو رواج گهٽو هو ۽ اتر ۾ ڪافي ڪونڊ جو رواج انهيءَ ڪري شاهه لطيف ۽ سندس همعصر شاعرن اهڙي قسم جي ڪلام کي وائي ڪوٺيو اتر سنڌ ۾ شاهه صاحب واري دور ۾ ئي ميان صاحب ڏنو فاروقي ٿي گذريو آهي جنهن پنهنجي اهڙي ،قسم جي ڪلام کي ڪافي ڪوٺيو آهي."(3)

ڪافيءَ جي صنف جي حوالي سان اهڙي ،سطحي راءِ ڏيڻ تي حيرت ٿي رهي آهي سچ اهوآهي ته ڪافيءَ ۽ وائي ۾ الڳ صنفون آهن فني سڃاڻ پوليءَ جو استعمال توڙي موضوع جي حوالي سان ٻنهي صنفن ۾ وڏو فرق آهي بنان ڪنهن مطالعي اپياس ۽ غور ويچار جي ڪافي ۽ وائي کي ساڳي صنف چاڻائي تڪڙي راءِ ڏيڻ سٺو عمل نه آهي اهڙي راءِ کي جڳ مشهور عالم مولانا غلام محمد گرامي رد ڪندي لکيو آهي. ته تاريخي طور ڪافيءَ جو وجود شاهه لطيف کان ٻه صديون اڳ معلوم ٿئي ٿو ان سلسلي ۾ هڪ بزرگ لاڏ جيو جي 1007 هه/ ۾ وفات ٿي آهي ۽ شاهه لطيف 1165 هه/ ۾ وفات ڪئي آهي اهو بزرگ شاهه لطيف کان ڏيڍ صدي اڳ همايون جي سنڌ م آمد وقت پاڻ مان لڏي برهانپورپهتو پاڻ سريلو ۽ سوزوارو ماڻهو هو سندس ڪافيون نهايت سوز سان صاحبدل ماڻهن جي مجلس ۾ ٻڌايون ويندیون هيون ان سلسلي ۾ ٻيو بزرگ مير محمد فاضل بکري،" تاريخ معصوميءَ" جي مصنف مير معصوم جو ڀاءُ آهي سندس باري ۾ ذخيره الخوانين ۾ آيل آهي ته." شعر برزبان سندهي از قسم ڪافي ڪمال فصاحت مي گفت و مقبوليت داشت

"جڏهن ته لطيف ٻارهين صدي هجريءَ جو شاعر آهي تڏهن واضع ٿيو ته لطيف کان ٻه صديون اڳ ڪافيءَ جو وجود آهي ان حيثيت سان جي اديب شاهه لطيف کي ڪافيءَ جو موجد سڏين ٿا تن کان سهو ٿي آهي."(4)

ڪافي سنڌي پوليءَ کان علاوه سرائڪي ،پنجابي ۽ ڪچي زبانن ۾ پڻ لکي وئي آهي ملڪ جي نامور اسڪالر حفيظ خان جي تحقيق موجب ڪافي سڀ کان اول سرائڪي زبان ۾ لکي وئي ستين صدي هجريءَ ۾ حضرت شمس سبزواري جيڪي گنان تحرير ڪيا هئا اهي سرائڪيءَ ۾ ڪافي جي پهرين باقائده شروعات جي شاهدي ڏين ٿا جيڪي بندش،مزاج ۽ بناوٽ جي لحاظ کان ڪافيءَ جي رنگ ۾ چيل آهن هاڻي جنهن صنف ۾ ستين هجريءَ ۾ شاعري موجود آهي ان صنف لاءِ اسان جا فاضل محقق چون ٿا ته ان جو موجد شاهه لطيف آهي جيڪا انتهائي حيرت جهڙي ڳالهه آهي.اها ڳالهه هاڻي واضع ٿي چڪي آهي ته ڪافي، ڪلهوڙن جي دور کان گهٽو اڳ۾ سنڌ ۾ عام جام لکي ويندي هئي پر لکت ۾ ان جو ڪو نمونو اسان کي نه ملي سگهيو آهي بقول پير حسام الدين راشدي جي ته:

"مطالعي جي افلاسي تحقيق ۽ ان جي ڪوتاهيءَ ڪارڻ ۽ نيازمنديءَ جي وهڪري ۾ وهي اسان هر ادبي ايجاد کي هن وقت تائين شاهه صاحب ڏانهن منسوب ڪندا رهيا آهيون چنانچه آءُ جيئن مٿي ٻڌائي چڪو آهيان ته ڪافيءَ جي صنف جي ايجاد به شاهه جي دامن سان ڳنڍيون ٿا حالانڪه اهو شاهه صاحب تي سراسر الزام ۽ بهتان آهي جيئن ته منهنجي تحقيق آهي ته ڪافي سنڌ ۾ شاهه جي پيدا ٿيڻ کان تقريبن ڏيڍ سو ورهه کن اڳ نه فقط ايجاد ٿيل هئي بلڪ مقبول ۽ عام هئي انهيءَ صنف تي ڪافيءَ جو نالو به انهيءَ زماني ۾ هو."(5)

واضع ٿيو ته ڪافي سنڌي شاعريءَ جي اوائلي صنف آهي صدين کان وٺي سنڌ اندر شاعر نه صرف ڪافيءَ جي صنف ۾ شاعري ڪندا هئا پر پنهنجون لکيل ڪافيون ڳائيندا پڻ هئا اڪثر صوفي شاعرن ڪافيءَ جي صنف ذريعي پنهنجي تصوف واري فڪر کي جهر جهنگ ۾ عام ڪندي عوامي رهنمائي ڪئي.اوائلي دور ۾ ڪافي سماع طور پڻ ڳائجڻ لڳي هئي آڳاٽن شاعريءَ جي صنفن ڳاهن توڙي بيتن جي پيٽ ۾ ڪافي گهڻي تعداد ۾ ملي ٿي اوائلي دور ۾ چيل ڪافيءَ جو گهڻو مواد ضايع ٿيڻ ڪري ان دور جي مواد جي موجودگي ۾ ڏکيائيون در پيش اچڻ ڪري ڪافيءَ جي شروعاتي هيئت معلوم ڪرڻ جي حوالي سان ٺوس نتيجا اچڻ ۾ ڪافي مشڪلاتون آهن پر سومرن جي دور ۾ اسماعيلي فرقي جي مبلغن پاران چيل گنان جي هيئت ڪافيءَ وانگر آهي جنهن ۾ ٽل يا وراٽي سان گڏ بند ٻن مصراعن تي مشتمل هجڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪافيءَ جي شروعاتي هيئت گنان واري هئي اها ڳالهه لکندي منهنجي راءِ اجان به وزندار ٿئي ٿي ته جيئن ڪافيءَ ۾ موسيقيءَ جو گهرو سنگم آهي بلڪل اهڙي ريت گنان به موسيقيءَ جي سرن تي لکيا ويندا هئا جن کي ڳائڻ عبادت سمجهيو ويندو هو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو جي راءِ ۾ هيءَ نهايت دلچسپ ڳالهه آهي ته:

”گنان ۾ ڪافيءَ وانگر وراٽي (شاهه جو مجيئڙو) آهي جا ان دور(چوڏهين صدي عيسويءَ)۾ ته چا پر ان کان 300 ٽي سو سال پوءِ مرڪان شيخڻ جي چيل هڪ پيراٽي ۾ ظاهر ٿي.“ (6)

”اي جي !
اٿي الله نه گهرين بندا،تو ستين سڄي رات،
نڪا جهوري جيو جي ،پانهان نڪو سمر ساڻ ،
شاهه جو مجيئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن،
اي جي !
صبوحڙي نه جاڳيا ،تني کي حورون نه ڏين هٿ،
سي هاءِ هاءِ ڪندا هٿ هٽندا،جيئن هاريءَ وڃائي وٽ،
شاهه جو مجيئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن،
اي جي !
پانهان تونجو تکيو ياران،ڪنڊن ۾ ڪوڙُ
پسي رتا گلڙا،ياران ،م وڃائج مور
شاهه جو مجيئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن،
اي جي !
پانهان تونجو تکيو ياران ،ڪنڊن ۾ ڪيو ،
جڏين سڃاڻو سور ڪئين يار تڏهن سمريو
شاهه جو مجيئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن.
اي جي !
ڪپاتيئين ڪتيو، جڏين ستو لوڪ،
تني پانهنجي ڪتي وڏو ڳڇيءَ ڳاڙهو ٽوڪ،
شاهه جو مجيئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن،
اي جي !
جيڙو ني تيڙو اگهيو، ياران ،هوند ڪتيائين،
پوءِ سياڻي سرتين وچ ملي مرڪيائين
شاهه جو مجيئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن،
اي جي !
ڪونا منڊپ ماڙيون، گهر گهوڙا ني پنڌار
ڪين نه نيئا پاڻ سين،ياران جيو چلنتي وار
شاهه جو مجيئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن،
اي جي !

پڻي پير "صدرالدين" آئين سڏو مومن ويرَ،
الک ترونو تني کي،جني سچاتو شاهه پيرَ،
شاهه جو مڃيئڙو تني کي جيڪي صبوحڙي جاڳن."(7)

"ارغونن جي آخري دور ۾ بکر جي هڪ شاعر قالو فقير جو ذڪر ملي ٿو. جيڪو ماڙي تعلقي سکر جو ويڙل هوجنهن جو هڪ مولود ڪافيءَ جي گهاڙيٽي ۾ مليو آهي اهو مولود عبدالرئوف پڻي (ڪلهوڙن جي دور) کان به اڳ جو آهي." (8)

جيڏيون مون جانب لائي ويو،آءُ ڏوريان پئي ڏونگر
1.پڏي سچ جو سندرو،پئي آهيان پڻيءَ پيغمبر
نالي ناءُ الله جي ، هن کي دوست مليو دلبر
2.اول نور نبي جو، جيڪو پيدا ڪيو پرور
اهڙو ڪن فيڪون هو،جيڪو الله ڪيو اڪبر
3.ڪرڙا اڻ ڪيچن جا ، هي پوري ڪيئن لنگهي بر
پيڪن ڏاج ڳڻايو، هن ڏکيءَ لاءِ ڏونگر
4.وئڙي منجهه وڻڪار، ۾ هيءَ بي بي ڏسي بر
پنهل ساڻ پريت هئي ، جن کي جيءَ لڳي آهي جر
5.ڪلمو پاڪ رسول تي ، جن هت پڙهيو هيڪر
جڙين جاءِ جنت ۾،جن کي ڏياري ڏاتر
6.ڪالو چوي ٿو ڪارڻي،منهنجي ساراهه سرور
عرشن مٿي ڪارڻي، ٿيندي حامي منجهه حشر."(9)

ڪافيءَ جي تشريح

ڪافي سنڌي تهذيب جي ترجماني ڪندڙ شعري صنف آهي محبت،پيار، امن شانتي، سڪ، سوز، هجروفراق، وصل، مالڪ جي ساراهه سميت صوفياڻي فڪر کي شاعرن ڪافيءَ جي صنف ذريعي اجاگر ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ڈاڪٽر شمس الدين عرساڻي جي راءِ آهي ته:

"ڪافيءَ جي آلاپ وسيلي ئي عوام ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ راڳ کي مقبوليت حاصل ٿي ۽ سنڌي بولي ادبي ذوق جي بوليءَ جي حيثيت سان عام ٿيڻ لڳي ڪافيءَ جو خيال ۽ فڪر بنيادي طور تصوف تي ٻڌل آهي عشق ۽ محبت به ان جو دلپذير موضوع رهيو آهي. تاهم اعلي شاعريءَ وانگر ئي ان جي نفيس مضمون ۾ انسانيت ۽ معراج انسان جو تخيل سمايل هوندو آهي."(10)

ڪافيءَ جي تشريح معنيٰ مقصد توڙي مفهوم جي حوالي سان سنڌ جي علمي ادبي حلقن ۾ زبردست بحث رهيو آهي. ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن طرح ڪافيءَ جي معنيٰ بيان ڪئي آهي. "ڪافي سنڌي نظم جي صنف، ڪلام، هڪ راڳ جو نالو، فقراءَ جي رهڻ جو آستان، ڪافير، ڪافيون ڳائيندڙ" ڪافي گهڻن معنائن وارو لفظ آهي. جيڪو قناعت طور به استعمال ٿيندو آهي. ڪافيءَ جي نالي سان مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جو ڪتاب به آهي.

"آخوند ربڏنو مجاور درگاهه شريف حضرت غوث الحق مخدوم نوح ان ڪافي جي لفظ بابت لغت جو هي ڏنو ته "لفظ ڪافي، ڪفي" مان نڪتل آهي جنهن جون به معنائون آهن هڪ ته ساهمي جي بنهي پڙن جو برابر هڻڻ ٻيو ته شعر جي قافين ۾ ڪونه ڪو اختلاف هجڻ."(11)

اهو اختلاف لفظي هجي يا معنوي حرفي هجي يا اصطلاحي يا اعرابي اختلافي برخلاف اتحاد هجي ته ان حالت ۾قافيو نه بلڪ ان کي رديف چئبو امڪان آهي ته شعر جي بنهي مصرعن جي هم وزن ۽ توري تڪي تڪن ناهڻ کي ڪفي مان ڪافي ٿي ويو هجي.

”مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جو رايو آهي ته :”منهنجي تحقيق هيءَ آهي ته سنڌيءَ ۾ هي جيڪو ڪافيءَ جو استعمال ٿئي ٿو بنهه غلط آهي ڇو ته ان لفظ مان بيت، شعر وغيره جي معنيٰ ڪونه ٿي نڪري دراصل هي لفظ ”قافيه“ آهي، جنهن مان ڪافي لفظ بمعنيٰ الڪلام المقفيٰ آهي يعني قا فيي سان ٺاهيل ڪلام، بيت، شعر وغيره جڏهن سنڌي ادب مان عالم لڏي ويا ۽ رڳا انگريز دان ۽ سنڌيدان حضرات رهجي ويا. خاص ڪري وچم سنڌي ادب واٽين جي هٿن ۾ هليو ويو ته ان ۾”ق“ جي بدران ”ک“ ڪتب آڻڻ شروع ڪيو، جو هاڻي ”ڪافي“ بنجي ويو آهي. اهڙن بگڙيل لفظن جا اچار شاهه جي رسالي ۾ الا هي ملندا مثلا: آگا جو اصل لفظ آغا آهي ۽ بگر جو اصل ۾ بغير آهي وغيره.“ (12)

ڪافيءَ جي هڪڙي معنيٰ آهي پوري يعني اهڙو نظم جيڪو فني توڙي فڪري حوالي سان پرپوريت رکندڙ هجي ممڪن آهي ته فن تي ڪفايت ڪندڙ جي حوالي سان ڪافيءَ تي اهو نالو پئجي ويو هجي مولانا غلام محمد گرامي جي راءِ آهي ته

”ڪافي هڪ ٺاٽ مان ورتل راڳ آهي جيڪا امير خسرو جي ايجاد آهي جڏهن ته منظور نقوي به ساڳي راءِ رکي آهي.“(13)

ڈاڪٽر مخمور بخاري جي راءِ آهي ته

”لفظ ”ڪافي“،”قافيه“ يا ”قافي“ جي موجوده صورت آهي هيئت جي خيال کان ته هر پابند شعر ۾ قافيو موجود هجي ٿو پر هن صنف جو وجود ۾ اچڻ راڳ سان لاڳاپيل آهي تنهنڪري عالمن جي اها راءِ وزندار آهي ته ڪافي اصل قافي آهي پر موجوده وقت ۾ ان لفظ جي لکت ڪافي عام آهي.“(14)

ڪافي ان ڪلام کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ موسيقيت هجي تڏهن ئي ته سنڌ اندر ڪافي ڪلام واراصطلاح صدين کان رائج آهي ۽ ڪافيءَ جي صنف جا اڪثر شاعر پنهنجو ڪلام ڳائيندا پڻ هئا جيئن مشهور ڪتاب برهانپور ڪے سندهی اولياءَ ۾ شيخ لاڏجيو جو ذڪر آهي جيڪو پنهنجون ڪافيون پرسوز انداز ۾ ڳائيندو هو.

وائيءَ ۽ ڪافيءَ ۾ فرق

ڪافي ۽ وائي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جون انتهائي اهم صنفون آهن جن ۾ گهڻي تعداد ۾ لکڻيتار شاعرن ڪلام پئي لکيو آهي جيڪو سنڌي شاعريءَ جو بي بها سرمايو آهي ڪافي ۽ وائي هڪ وڏي عرصي کان وٺي سنڌي تحقيقي ۽ تنقيدي ادب ۾ بحث جو موضوع بڻيل آهن ڪجهه محققن صرف نالن جي فرق سان ڪافي ۽ وائي کي ساڳي صنف قرار ڏنو آهي ڈاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب لکي ٿو ته:

”جنهن صنف کي لاڙ ۾ وائي چيو وجي ٿو تنهن کي اتر ۾ ڪافي چئجي ٿو.“(15)

هن راءِ کي اکٽي هلي پير حسام الدين راشدي ۽ ٻين محققن رد ڪيو هوسنڌي شعر جي تاريخ تي نظر وجهڻون ٿا ته وائيءَ جي صنف جو پهريون شاعر شاهه عنايت رضوي (1613-1701) ملي ٿو جنهن جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿي هئي جڏهن ته ڪافيءَ جي روايت ان کان به 150 ورهه اڳ ۾ ملي ٿي پاڻ جو ويڻل مشهور ڪافي گو شاعر شيخ لاڏجيو 1007 هجريءَ ۾ وفات ڪئي هئي اهو بزرگ شاهه لطيف کان به ڏيڍ صدي اڳ ۾ همايون جي سنڌ ۾ آمد وقت پاڻ مان لڏي برهان پور ويو هو جتي وڏين وڏين محفلن ۾ پرسوز انداز ۾ ڪافيون ڳائڻ جي ڪري زبردست شهرت حاصل ڪيائين حقيقت اها آهي ته سنڌي شاعريءَ ۾ وائيءَ کان به گهڻو عرصو اڳ ۾ ڪافيون چوڻ جو رواج عام هو اهڙيءَ ريت وائيءَ ۽ ڪافيءَ کي ساڳي صنف قرار ڏيڻ ڪنهن به ريت درست عمل نه آهي

حڪيم سيد عبدالغفار شاهه راشدي نئين زندگيءَ جي اپريل 1954ع واري پرچي ۾ ڪافي جي تحقيق تي تبصرو جي عنوان سان مضمون ۾ لکيو آهي ته:

”آئون چوان ٿو ته تاريخ جي تحقيق ۽ تدقيق مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب ڪافيءَ جو نه بلڪه وائيءَ جو موجد هجي ته ممڪن آهي پنهنجي وسعت ۾ ڪافي ڪافي آهي ڪافيءَ جي تاريخ قديم آهي ۽ وائي حادث آهي متاخرين غلط فهميءَ ۾ اچي وائيءَ کي ڪافي سمجهي ويٺا آهن ڇو ته اضافه شعري يا موسيقي جو سنڌ ۾ ايترو مواد موجود نه هو تنهن ڪري اهو امتياز نه هو ته وائي ڇا آهي ۽ ڪافي ڇا آهي؟ وائي ٻي شئي آهي ته ڪافي ٻي شئي آهي.“ (16)

حڪيم صاحب بلڪل درست راءِ رکي آهي ته ڪافي ۽ وائي الڳ الڳ شعري صنفون آهن موضوعاتي طور يا هيئت جي اعتبار کان ٻنهي صنفن ۾ وڏو فرق آهي ڪافيءَ جي فني بيهڪ وائيءَ سان ان ڪري به ملندڙ جلندڙ آهي جو ٻئي صنفون ڇند وديا جي علم هيٺ لکجن ٿيون سيد عطا حسين شاهه موسوي پنهنجي تصنيف ”ڪچ ڪوڏيون“ ۾ ڪافيءَ تي لکندي وائي ۽ ڪافيءَ ۾ فرق ڏيکاريندي لکيو آهي ته:

”ڪافيءَ ۾ ٽل کان سواءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي مصرعون ٿيندیون آهن ان کانسواءِ وائي جو ٽل يا مصرعو هڪ سٽو آهي.“(17)

سيد عطا حسين شاهه ڪافيءَ ۽ وائي جي گهاڙيٽن جي فرق کي درست انداز ۾ بيان ڪيو آهي ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو جي راءِ آهي ته:

”حقيقت ۾ ٻنهي صنفن ۾ بنيادي فرق وزن جو آهي وائي ڇند تي آڌاريل آهي ۽ ڪافيءَ جو بنياد علم موسيقيءَ تي آهي ڪي ڪافيون علم عروض جي بندش ۾ به آهن سڃل اهو پهريون شاعر آهي جنهن وائي کان سواءِ ڪافيءَ تي به طبع آزمائي ڪئي ۽ سندس ڪلام ۾ مختلف هيئتن جون ڪافيون به ملن ٿيون.“ (18)

”حقيقت اها آهي ته جيئن جيئن وقت گذري ٿو تيئن تيئن ڪافيءَ ۽ وائيءَ جي حوالي سان اڳ ۾ محققن پاران قائم ڪيل رايا ۽ نظريا رد ٿي رهيا آهن ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو به وائيءَ ۽ ڪافيءَ جي واضع فرق کي نمايان انداز ۾ بيان ڪيو آهي.“(19)

ملڪ جي نامور اسڪالر حفيظ خان جي راءِ آهي ته:

”کافی“ کی طرح ”وائی“ بھی راگ کی ایک اصطلاح”واٹي“ ہے۔ ایک قدیم سندھی لفظ ہے، جو آج کل نسبتاً کم استعمال ہوتا ہے۔ ”واٹي“ کے معنی ہیں ”اونچی آواز میں کہنا“، جس سے اسم ”وائی “ ہے، یعنی وہ گفتگو، بول، جملہ یا عبارت، جس کو اونچی آواز میں ادا کیا جائے۔ اسی مناسبت سے ہی ”وائی“ کے اصطلاحی معنی پیدا ہوئے، یعنی وہ بول جو میٹھی آواز اور الاپ سے گایا جائے۔ اسی لحاظ سے ”وائی“ موسیقی کے قدیم ”قول“ (لفظی معنی بول یا کہاوت) کی ہم معنی اصطلاح ہے۔ ابھی تک کہتے ہیں کہ کافی کا تھل (استائی) یہ ہے اور کافی کی (ادائیگی، راگ والی ادایا موسیقی) اس طرح ہے۔ مطلب یہ ہے کہ گانے کے لحاظ سے ”کافی“ اور ”وائی“ کی اصطلاحیں ہم معنی ہیں۔ فرق صرف یہ ہے کہ معنوی اصلیت کے لحاظ سے ”کافی“ نظم کی صنفِ قافی سے لیا گیا سندھی تلفظ والا نام ہے، اور ”وائی“ موسیقی کی صنف ”قول“ کا سندھی نام ہے۔" (20)

منهنجي راءِ اها آهي ته وائي ۾ ڪافي موضوعاتي توڙي گهاڙيٽن جي حوالي سان الڳ صنفون آهن ۽نهي صنفن جي فن هيئت توڙي فارم ۾ وڏو فرق آهي وائيءَ جو ٽل ۽ه اڌ ٽُڻي ٿو پهرين اڌ ۾ قافيو بنا قافيي ٽُڻي ٿو ۽ ان ۾ هڪ سٽ ۽ وراڻي ٽُڻي ٽي پر ڪافي فني حوالي سان بلڪل الڳ ٽلڳ آهي هيئت جي لحاظ کان جنهن جا ڪيترائي قسم آهن جيئن يڪيون ،ڏيڍيون،۽ه تڪيون ،ٽه تڪيون ۽ چوتاريون ڪافي جو وزن ڪٿي عروض ۽ ڪٿي موسيقيءَ تي ٻڌل آهي ثابت ٿيو ته ۽نهي صنفن جي الڳ حيثيت آهي.

ڪافيءَ جو فن

وزن شعر ۾ موسيقيت ۽ رواني پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري هجي ٿو اعليٰ فڪر سان گڏ اگر سٽن ۾ ردم هجي ته شاعري پراثر ٿيندي آهي سندي شاعريءَ جو چند وديا ۽ علم عروض وارن وزني نظامن تي تخليق جو سلسلو جاري آهي اهڙي ريت ڪافي صنف به چند وديا ۽ علم عروض جي وزني نظام سان گڏ راڳ ۽ راڳڻين جي اصولن تي پڻ لکجندي رهي آهي ان حوالي سان هاڻي ڪنهن به ابهام جي گنجائش نه رهي آهي ته هيئت جي لحاظ کان ڪافي هڪ مڪمل صنف آهي جنهن جي قسمن ۾ يڪيون ،ڏيڍيون ،۽ه تڪيون ،ٽه تڪيون ۽ چوتاريون شامل آهن ان کان علاوه مسدس ۽ مثمن ڪافيون پڻ لکيون وڃن ٿيون مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽نهنجي ڪتاب ڪافيءَ ۾ سٽاءَ بابت فقط ايترو چيو ته:

”ڪافي لکڻ وقت ڪافيءَ جي ڪا نه ڪا طرز دماغ ۾ ذهن ۾ موجود هئڻ گهرجي ۽ ان کي جهونگاريندو رهڻ گهرجي راڳڻي ۽ تار جو تعين ڪبوته ڪافي ڳائيندي لکي وڃي ٿي.“(21)

مطلب ته ڪافي ۽ راڳ جو گهرو سنگم آهي اهو ئي سبب آهي جو اڪثر ڪافي گو شاعر ۽نهنجو ڪلام پاڻ ڳائيندا هئا شروعاتي دور ۾ ڪافي چند وديا جي اصولن تي آڌاريل هئڻ ڪري ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل ۽ ٻين محققن ڪافيءَ کي نا موزون قرار ڏنو جڏهن ته بعد ۾ علم عروض جي وزني نظام تي ڪافيون ڇيون ويون اهو ئي سبب آهي جو ڪافين جو وڏو ذخيرو عروض تي آڌاريل آهي”ڊاڪٽر اسدالله حسيني لکي ٿو ته:

”ڪافي گو شاعر عروض جا ڄاڻون هيا البت زبان کي وڌيڪ ميڃاج ڏيڻ ۽ ان جي اهليت کي ثابت ڪرڻ ۽ عروضي شاعريءَ کي ڪتابن تائين محدود ڪرڻ لاءِ هنن عجمي وزنن کي به استعمال ڪيو ۽ ان ۾ ۽نهنجو تصرف ڪري مصرعن کي ننڍو وڏو ڪري راڳڻين جي لاهن چاڑهن سان پچايو اٽن.“(22)

ثابت ٿيو ته وقت گذرڻ سان ڪافيءَ جي وزن فن توڙي هيئت جي حوالي سان مختلف تجربا ٿيندا رهيا آهن ۽ ڪافي شاعرن غزل نما ڪافيون پڻ چيون آهن ان کان علاوه چند ۽ موسيقي واري نظام تي آڌاريل ڪافين کي نا موزون شاعري سڏڻ درست نه آهي ڇو ته جيڪا تخليق راڳ تو ڙي چند جي اصولن تي موزون ٿيل آهي اها نا موزون ڪيئن ٿي سگهي ٿي .ڇو ته راڳ ۾ چند وانگر ماترائن جو حساب موجود هوندو آهي اهڙيءَ ريت راڳ ۽ چند جي وزني نظام تي آڌاريل ڪافيون نا موزون نه آهن ڪافي گو شاعرن ڪافيءَ جي فن توڙي هيئت جي حوالي سان مختلف تجربا ڪري ۽نهنجن ڪلامن جي سٽاءَ ۾ حسناڪيون پيدا ڪيون آهن ۽ سندن اها پرپور ڪوشش رهي آهي ته ڪافيءَ جي سٽاءَ ۽ ان ۾ ٻوليءَ جو اهڙو ته خوبصورت استعمال هجي جو سٽون اگر ڳائجن ته انهن ۾ ايتري ته دلفريب موسيقيت هجي جو روح تائين لهي وڃن. ڪافيءَ جي سرموڙ شاعرن ۽نهنجي ڪافين جي مصراعن ۾ ٻن قافين جو استعمال ڪري سٽن ۾ لئي ۽ ردم پيدا ڪيو.

ٽلهه:ڪهه تون ڪانگ ڪلامان،آهين تون جيءَ جو جياپو
منڙيون منڙيون تنهنجون مامان
1.ڪانگ جدائي آءٌ نه سهان ٿي، رمز انهيءَ کونءَ آءُ نه رهان ٿي
دم جدا نه جيان مان ،دونهان درد دکن ٿا
اهي سي ڪين اجهامان

2.جي تون ڪانگل آهين اوڏاهون، ڪيئي ڪي عجيبن سان
منهنجڙيون آهون
اهي سي پول ٻڌان مان ،ڳجهڙيون ڳجهڙيون سي ڳالهيون
ڪنديس سڃڻن سا مهان
3.ڪانگ اسان سان ڪڏهن ٽيندو ميلو،اچي عثمان ڄئي سڃڻ سويلو
ڪل ڏيو اوهين ، گولڙي ٽي ته گذاريان
گڏ هجان سائئن سان مان.“(23)

ڪافي گو شاعرن پنهنجي فني ۽ علمي مهارت جو استعمال ڪندي پنهنجي ڪافين ۾ ٿي قافيا استعمال ڪري سڏن کي نزاڪتن سان سرشار ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڪافين جي مصرعن ۾ چار چار قافين جو پڻ استعمال ڪيو ويو هيئت جي لحاظ کان يڪيون ،ڏيڍيون ،ٻيڻيون ،ٽه تڪيون ۽ چوتاريون ڪافيون ملن ٿيون .

يڪي ڪافي

يڪي ڪافيءَ ۾ ٽلهه توڙي مصرعي ۾ هڪ سٽ ٽيندي آهي ٻن پدن تي مشتمل ٽلهه ۽ مصرعي ۾ قافيو آخر ۾ اچي ٿو جڏهن ته شاعرن قافين جي تبديليءَ سان مختلف قسمن جي سڏاءَ ۾ پڻ ڪافيون چيون آهن قافين جي منڌ سڏا ڪري سڃل سرمست يڪي ڪافي ويهن قسمن ۾ ڄئي آهي.

”ٽلهه:پرندي شال پرين سان ،منهنجي ٻانهپ جي ٻولي
1.مهڻن خاطر محب جي ،مون ته جهلي آهي جهولي
2.روئي رگيندين رت مان، چاڪن سان چولي
3.جبل جاڻان پالکي، ٿر ڏونگر ڏولي
4.دل ويچاري درد ۾، آهه عالم جي اولي.“(24)

ڏيڍي ڪافي

هن قسم جي ڪافيءَ جو ٽلهه ۽ مصرعو ڏيڍ سڏو هجڻ ڪري کيس ڏيڍي ڪافي چيو ويندو آهي سيد محمد فاضل شاهه محمد عالم ميمڻ ،حضرت سڃل سرمست ۽ ٻين ڏيڍي ڪافي جي هيئت ۾ قافين جي ردوبدل سان مختلف قسمن جون ڪافيون لکيون آهن.

”ٽلهه:ڏج روبرو تون روئي،پنهل کي پيغام پڏر
1.ڪم ڪنيزڪ ساڻ قريبن،جتن ڪيو ڏسجوئي
ستي لڏيا سيڻ سفر
2.ڪهج قاصد ساڻ ڪوهيارل،منهنجو حال مڙوئي
ڪي نماڻي نينهن نڏر
3.ڳوڙها ڳاڙيو ڳليون ڳوليم ،سارو شهر سڃوئي
سڃڻ تولنه شام و سحر
4.سندو فاضل شاهه فضلنون ،آکج عرض اهو ئي
اٿم تنهنجي آس اندر.“(25)

ڪافي ٻيڻي

هن قسم جي ڪافيءَ جو ٽلهه هڪ سڏو ٽيندو آهي .جڏهن ته شاعرن ٻه سڏون پڻ رکيو آهن مصرعو ٻن سڏن تي مشتمل هجي ٿو هن قسم جي ڪافين جي هيئت ۾ پڻ تجربا ڪري مختلف قسمن جون ڪافيون لکيون ويون آهن.

”ڪانگل وڃي ڈي سلام، منهنجي پارئون محبوبن کي
1.ناهي آرام عاشق کي ، سوا صورت ڏسڻ تنهنجي
سڃڻ آءُ اڳڻ منهنجي ، ڪيان سر گهور توتئون هي

2.لکين ٿورا تنهنجا پانيان،ڪڏنهن مان ڪينڪي لاهيان
سوين ڳڻ تنهنجا مان ڳايان،سڃاتو ننگ پنهنجي ڪي
3.چوي "نبن" مليا دلبر، لٽا غم سپيئي گوندر
سچي صورت ڏٺم سرور، سڃاتو سي ساڳي سرڪي." (26)
(نبن فقير جيهو)

ٽيٽي ڪافي

هن قسم جي ڪافيءَ جو ٽلهه هڪ سٽو ۽ مصرعو ٽن سٽن تي مشتمل ٿيندو آهي جڏهن ته هن قسم جي ڪافيءَ جا پڙ مختلف گهاڙينا جوڙيا ويا آهن ٻن پدن تي مشتمل ٽلهه جي پهرين پد ۾ قافيو ٺئي ٿو .جڏهن ته ٽن سٽن واري مصرعي جي آخري سٽ جي آخري پد ۾ ٽلهه سان قافيو ملندو آهي.

"ٽلهه:هوت هلي هڪوار، آ تون مون ڏي مهرون موڙي
1.جانب تنهنجي جدائي جهوريو
هن ڳنڍهر ۾ ڳهاڙ ڳهوريو
لهج سماءُ، سڌ سار، وره وڏا مون وڌا وڇوڙي
2.درشن تنهنجو دلبر ڪيڙم
هاڻ اچي هي هاجو پيڙم
برهه وجهي هي بار، ورن ونگن ۾ وڌيس وڪوڙي
3.عين اهي جڏهن نيڙ ڏنا مون
سوز منجهان تڏهن سور سڻا مون
ان ڪان پوءِ آزار، عشق آرن ڪان ڇڏيس الوڙي
4.عالم ڏي اڄ عجيب اچجان
ونگ وجهي پوءِ ڪيم وڃجان
ڪيم مڻن ڪي مار، نانگي نينهن نيوم نهوڙي."(27)

ڪافي چئوٽي

چئوٽي ڪافيءَ جي ٽلهه توڙي مصراعن ۾ چار پد ٽين ٽا ٽلهه جا پهريان ٽي پد پاڙ ۾ هم قافيا آهن جڏهن ته مصرعي جا پڙ شروع وارا ٺئي پد پاڙ ۾ هم قافيا هجن ٽا .جڏهن ته ٽلهه ۽ سمورن مصراعن جو چوٽون پد پاڙ ۾ هم قافيا ٿيندو آهي .

"ٽلهه:جيڏيون ڪارڙ جن، مون فال ٽي پايا، اڳڙ آيا اڄ اهيئي
1.مليا پنيم مرادون من جون ،طرحين طرحين ڪليون طاقيون تن جون
تڏهن مانڪي تن ٿورا لايا، سانگ سجايا ٽيم سپيئي
2.مجلس محبوبن جي موچاري، هڪ هڪ گفتو سندن هزاري
ڪوڙين ٽا وڙ ڪن پال مون پائنن ساهه سهايا سهجان سپيئي
3.ڏک ڏولاها ڏور ڪيا ڏاتر، لڏي قريبن قرب منجهان ڪر
پاڙ اچي پرين وهم وڃايا، وصل وسايا، ملڪ مڙيئي.(28)

ڪافيءَ جو فڪر

شاعريءَ ۾ بوليءَ جي جيتري اهميت آهي ان کان به وڌيڪ اهميت فڪر جي آهي سهڻي سوچ ۽ اعليٰ فڪر سڻن کي زندگي بخشن ٿا.اهو ئي سبب آهي جو صديون گذرڻ کان پوءِ به فڪر انگيز شاعري سماج اندر وسندڙ ماڻهن لاءِ مشعل راهه آهي چو ته شاعري اندر جي اڌمن مان نڪتل دردبلو اظهار آهي شاعري مايوس دلين لاءِ حوصلو آهي شاعري زندگيءَ جي اڙانگن پيچرن تي رهنمائيءَ وارو ڪم ڪري ٿي ڪافيءَ جي صنف فڪري حوالي سان انساني

احساسن جذبن ۽ امنگن جي ترجمان صنف رهي آهي سنڌي شاعري جي ڪلاسيڪي روايت ۾ ڪافي هڪ اهڙي صنف آهي جنهن کي محفوظ ڪري صدين جي اعليٰ فڪري ورثي کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو .اڪثر صوفي شاعرن ڪافيءَ جي صنف جي ذريعي پنهنجي احساسن کي زبان ڏني آهي صوفين انسان ذات کي امن، ايڪتا،پيار۽محبت جو درس ڏنو آهي .ذات پات رنگ نسل دين ۽ ڌرم جا ويڇا وساري پاڻ ۾ محبت ۽ امن سان رهڻ جو پيغام ڏنو آهي صوفين جڏهن سماج اندر مفاد پرستي ۽ مذهبي ڪٽرپڻي کي عام ٿيندو ڏٺو ته هنن خاموشيءَ کي ڪفر سمجهندي باطل قوتن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلد ڪيو نتيجي ۾ کين وڌين مصيبتن ۽ مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو هو پر پوئتي هٽڻ بدران مظلوم انسانن جا حامي بڻجي پنهنجي ڪافين جي ذريعي ماڻهن ۾ حق ۽ سچ سان گڏجي بيهڻ جو شعور بيدار ڪندا رهيا هئا جيئن ڪافيءَ جي عظيم شاعر حضرت سچل سرمست باطل قوتن کي للڪاريندي چيو هو ته:

”سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وڻي نه وڻي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم بڻي نه بڻي“

سچل سر مست ۽ ٻين صوفي شاعرن وڌي واڪي ولولا خيز لهجي ۾ ڪافيون چيون آهن هنن پنهنجي انڪ ارادي ۽ اظهار جي بيباڪي سان ڏنڙيل طبقي جي زبردست انداز ۾ نمائندگي ڪئي آهي ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جي راءِ آهي ته:

”ڪافي بنيادي طور هتان جي ڏنڙيل پيڙهيل ۽ حڪمرانن جي عوام دشمن پاليسين جي نتيجي ۾ ذهني خلفشار ۾ مبتلا ماڻهن جي لاءِ ذهني آسودگيءَ جو سبب بڻي آهي.“(29)

مفاد پرست ٽولي هر دور ۾ مذهبي تعصب کي سماج اندر ڦهلائي پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ پرپور جتن ڪيا آهن.اهو مذهب جيڪو انسانيت جي ڀلائهه ڪري ٿو ان مذهب کي انسانن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو سماج اندر ڪوڙ، ڪلفت ۽نفرتن جو بج ڇڻي انسانن کي هڪ ٻئي کان پري رکڻ لاءِ سازشن جو جڏهن جار وڇايو ويوته صوفي روحل فقير ڪيئن نه بيباڪيءَ سان چيو ته :

”ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا ابتا پرين پير
هڪ هندو ٻيا مسلمان وچ وڙائون وير
انڌن اونڌهه نه لهي تن کي سچ چوندو ڪير
پر روحل راهه پرين جي جان گهڙي ڏنو سين گهيڙ
رب مڙني ۾ هيڪڙو جنهن ۾ ڦند نه ڪو ڦير
سا ڪاڏي ڪندي پير جا ستي ڪعبت الله ۾“

(صوفي روحل فقير)

ڪافيءَ جو بادشاهه ته مصري شاهه کي ڪوٺيو وڃي ٿو پر درازن جي دولهه سچل سرمست ڪافيءَ کي منصوري ۽ عطاري فڪر ۽ پنهنجي انوکي ڏات ۽ ڏاڻءُ سان وڌي مقام تي پهچايو منصوري نعرن ، مستي ۽ موجن ،اظهار جي بيباڪي سندس ڪافين کي سنڌي شاعريءَ ۾ الڳ ۽ اعليٰ مقام عطا ڪيو آهي

ڪو ڪينن چوي ڪو ڪينن چوي
مان جوئي آهيان سو ئي آهيان
ڪو مومن چوي ڪو ڪافر چوي ،ڪو جاهل نالو ظاهر چوي
ڪو ساحر چئي ڪو شاعر چئي ،مان جوئي آهيان سو ئي آهيان

محبوب جي وصال ماڻڻ لاءِ درد ،اهنج ،ايذائن ۽ فراق جي پيڙائن جا پيچرا تلاش ڪرڻ ،درد پريون دانهون طالب کي مطلوب جي طلب ،سوز گداز ڪافيءَ ۾ فڪري حوالي سان اثر انگيزي پيدا ڪن ٿا عثمان فقير سانگي اهو ڪافي گو شاعر آهي جنهن غزل واري گهاڙيٽي ۾ ڪافيون چيون آهن.

اڪڙيون عزم ايڏو ركي ، دلڙيون ڦاسائن دام ۾
ديدان ڪنهن دستور سان موهي وڃن هڪ مام ۾
نينان نسوري نور ۾ پُر ٿيون وتن سڪ پور ۾
گهايو حسن جي گهور ۾ ، آرام بي آرام ۾
(عثمان فقير سانگي)

عشق،الفت ،پريم ۽ محبوب جي سونهن جي ساراهه ڪافيءَ جي فڪر کي حسناڪيون عطا ڪن ٿا اهو ئي سبب آهي جو هڪ وڏو عرصو گذرڻ کان پوءِ به پيار جي رنگ ۾ چيل لازوال ڪافيون اڄ به ٻڌڻ ۽ پڙهڻ کان پوءِ احساسن کي چيڙي دلين جا درد جاڳايو ڇڏن مولوي حاجي احمد ملاح جي ڪافي ان جو خوبصورت دليل آهي.

اکين ۾ عقابيل تارن ۾ تبرون
هٿن حاڪمن کي پريو زور زبرون
*
جنگيون ڏين جاڙا ، هٿن ڏوم ڏاڙا
ڪريو هٿ ڪناري الارين اَبرون
*
انهيءَ نينهن نظاري ، وڏا ويڙ واري
سگهو ڏيهه سڃنديون ،سنديون خون خبرون
*
جني جنگ باري ، سڻي سر تي ساري
تهان پوءِ تن کي ڪنديون ڪوهه قبرون
*
احمد اڳانڊو ، رکيو قرب ڪانڊو
لڳس تن ۾ تازا تفنگ تير تبرون"(30)

ان کان علاوه مشهور ڪافي گو شاعرن نانڪ يوسف، منڌار فقير راڄڙ محمود فقير ڪٽياڻ .صوفي صادق فقير ،فقير قادر بخش بيدل ،محمد حسن بيڪس ،خوش خير محمد هيسباڻي ،حمل فقير ،دادن فقير ،جانڻ چن ،سيد رکيل شاهه،غمدل فقير ،علي گوهر شاهه اصغر ،سيد چيزل شاهه ،چتو فقير سانگي ،طالب المولىٰ ،رشيد احمد لاشاري ،ميان ثناءالله ثنائي ،هدايت علي نجفي تارڪ،پير اعجاز شاهه راشدي ،اسدالله شاهه بيخود ،ولايت علي شاهه،حسين بخش خادم،درگاهي ميراڻي ،سيد مرتضىٰ شاهه ڏاڏاهي ،عبدالقيوم صائب،۽ ٻين سوين ڪافي گو شاعرن فڪر انگيز ڪافيون لکي هن اهم ڪلاسيڪل صنف کي اوج تي رسائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي .

ڪافيءَ جا موضوع

شاعريءَ لاءِ موضوع جي چونڊ انتهائي اهم هوندي آهي. موضوعن جي گونا گونيت شاعريءَ کي اثرائتي بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي جيئن غزل ۾ عشق ۽ محبت جي نفيس جذبات جو اظهار حسنائتي انداز ۾ ڪيو ويندو آهي.اهڙيءَ ريت ڪافيءَ جو پڻ انداز بيان الڳ ٿلڳ آهي.ڪافي سنڌي شاعريءَ جي اها صنف آهي جنهن ۾ موضوعن جي گهڻائي ملي ٿي ڪافيءَ ۾ داخلي احساسن جي بيان سان گڏ مختلف موضوعن ۾ اعليٰ شاعري موجود آهي حمد وثنا، مناجات، مولود، صفت ۽ ساراهه، ولين ۽ درويشن جي منقبت،ت وحيد ،تصوف، رندي رمز، نفي اثبات، فنا، بقا ڪافيءَ جا اهم موضوع رهيا آهن مشهور ڪافي گو شاعر محمد فقير ڪٽياڻ جي ڪافي مثال طور پيش ڪريان ٿو .

شاهه مردان شير يزدان ، قوت پروردگار
لافتىٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار
1.آخر اول اظهار ٿي اولي اچي انسان جي

ارشاد سان آباد ڪيو ،اسلام اعليٰ آشڪار
2.پيارو پيغمبر پاڪ جو ،پيرن سندوپيران پير
پڙ ۾ ته پڌرو پهلوان ، پير مغان تون پاڳدار
3.حشمت حقيقي حڪم سان ،هر جا هڪل تنهنجي هلي
حسنين جو پرور پد ر، حضرت علي حيدر ڪرار
4.مظهر سندو مسجود تون، محمد مدامي مرتضيٰ
مولیٰ علي مشڪلڪشا، مهندار مالڪ مختيار.“(31)

حسن، عشق، سڪ، سوز، حسن جي سار اهه، محبوب جي ناز ۽ ادائن، رسڻ ۽ پرچڻ، هجرو فراق، وصل جو خوشيون، عشق جو شهباز، عشق جا سلام ۽ پيغام ڪافيءَ جي دلفريب موضوع رهيا آهن. سيد احمد شاهه ”خاڪيءَ جو مٿي ذڪر ڪيل موضوعن جي حوالي سان چيل ڪافي ڪيتري نه اثرائتي آهي.

وفا ويئي وي ا واعدا، نه يارن ۾ رهي ياري
قضا هيءُ راز ڪهه جاڻان، پيئي گڏجڻ ڪنان گهاري
*
1.منڊيو هي ملڪ محبوبن، ڇڏيو خوش واس وڻڪارن
گلن جي بوءِ منجهه گلشن، گلستان ۾ نه گلڪاري
*
2.هميشه دل نه حب ماڻي، سدا جا ساهه سيباڻي
روئن اکيون رتا پاڻي سنپاريو ساسنگت ساري
*
3.نه بلبل بات منجهه باغن، تلخ طوطا تنوارون ڪن
پڃاڻي ٿي نه سڏ پهچن، پرين کي ڪاڻ پوئواري
*
4.خليلن کي ڏسان ”خاڪي“ ته گهنڊجي گهوٽ غمناڪي
ڪري سيد مٿي ساقي، وصل ساغر جي سرداري.“ (32)

سليس لهجو، سادا خيال، عشق جون سختيون، حسن واران جا روپ، سونهن ۾ سينگار، ڏک ۽ ڏوراپا، ڪافيءَ جا من موهيندڙ موضوع رهيا آهن.سردار علي شاهه ذاڪر جي ڪافي پڙهڻ کان پوءِ من اند جي ڪيفيت درد پري ٿي وڃي ٿي

مونکي گهايو اوهان جي گهور پرين
چڪي چاڪ ٿيا ناسور پرين
1.تنهنجا ارڏا نيڻ اڇائن ٿا
هڏي گهور دلين کي گهائن ٿا
تکا ابرو تيغ وهائن ٿا
ڪن ڏاڍا ڪيس ڪلور پرين
2.تنهنجا وار سڃڻ واليل عجب
جن ۾ تازا تيل ڦليل عجب
اهي نانگ وجهن ٿا نيل عجب
تنهنجي دام جو هي دستور پرين
3.تنهنجي سونهن ٻڌي سردار علي

آيو در تي تنهنجي دلدار علي
ڪر ان سان اچي پوتار پلي
جيڪو وک وک تي وهلور پرين.“(33)

ڪافي گو شاعرن سرائتيون ڪافيون پڻ چيون آهن سر مومل راڻو، سر عمر مارئي ،سر سهڻي ،سر نوري جام تماچي، سر ليلا چنيسر، گهاتو، مورڙو، ساموندي، سورٺ، ڪاپائتي، ڪاهوڙي، هير رانجهو، ليلیٰ مجنون ۽ پين رومانوي داستانن جي موضوعن ۾ سرائتيون ڪافيون پڻ چيون آهن ان حوالي سان نواب غلام حيدر خان جي ڪافي ڪيڏي نه دلپذير آهي.

”مولا ملڪ وساءِ منهنجي مارن جو
تن ويڑهيچن وينجهارن جو
*
1.ايندم شال ڪهي، ويندم سار لهي
ڪندم سور سهي، پوندم رات رهي
پکي منجهه پهي ، ڪندا حال وهي
*
2.ماءُ لولي ڏني آهيان چوري چني
ساري رات رني، مٽان پيج پني
ڪنهن کان ڪانه پني ڪيڙس قيد ڪني
اهو سور مڙيئي سنگهارن جو
*
3.چوي ”غلام حيدر“ پرين پيا ٿئي پڌر
چڙهي نيٺ نظر، آيا تنهنجي در
ڪيي ڪوٽ قهر، نيندا نال نڌر
اهو بول پڌل آ پکرارن جو.“ (34)

(نواب غلام حيدر خان)

ڪافي گو شاعرن پنهنجي ڪافين ذريعي انساني اصلاح ڪندي کين سنئين دگ تي هلڻ جي پڻ تلقين ڪئي آهي.ان کان علاوه پنهنجي ڪافين ۾ موسمن جو ذڪر سماجي حالات ردو بدل ،واقعن جو ذڪر پڻ خوبصورت انداز ۾ ڪيو آهي.مطلب ته ڪافي مڪمل طرح انساني زندگي ۽ سماجي اٽل پٽل جي ترجمان صنف آهي. هن مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪافي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي هڪ اهم، قديم ۽ مقبول صنف آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي ادبي، فڪري، ثقافتي ۽ موسيقيءَ واري روايت جي واڌ ويجهه ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. ان جي مقبوليت جو بنيادي سبب سليس ٻولي، فني لچڪ، موسيقيت، جذباتي اثر ۽ عوامي زندگيءَ سان گهري وابستگي آهي. ڪافيءَ جي تاريخي قدامت بابت مختلف محققن جي نظرين مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان جي ابتدا کي صرف شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان منسوب ڪرڻ مناسب نه آهي، پر ان جي شروعاتي دور بابت قطعي نتيجي لاءِ وڌيڪ مستند تاريخي ۽ ادبي ماخذن جي چنڊچاڻ ضروري آهي. ساڳئي طرح، ڪافيءَ ۽ وائيءَ ۾ ظاهري ۽ موسيقي واريون هڪجهڙايون هجڻ باوجود، سندن فني هيئت ۽ شعري سڃاڻ کي الڳ الڳ پرکڻ جي ضرورت آهي. فني ۽ فڪري مطالعي مان واضح ٿئي ٿو ته ڪافيءَ ۾ يڪي، ڏيڍي، ٻيٽي، ٽيٽي ۽ چئوٽي جهڙين هيئتن سان گڏ چند وديا، علم عروض ۽ موسيقيءَ جا اصول اهم حيثيت رکن ٿا. موضوعاتي لحاظ کان پڻ ڪافي عشق ۽ محبت تائين محدود نه آهي، پر ان ۾ تصوف، وحدت الوجود، انسان دوستي، مذهبي رواداري، اخلاقي اصلاح، سماجي شعور ۽ انساني برابريءَ جا فڪر نمايان آهن. سچل سرمست، روحل فقير،

مصري شاھ ۽ عثمان فقير سانگيءَ جي ڪلام ۾ انهن قدرن جو اثرائتو اظهار ملي ٿو. نتيجي طور، ڪافي سنڌي ادب جو اهڙو زنده ڪلاسيڪي ورثو آهي، جنهن ۾ شاعري، فڪر ۽ موسيقيءَ جو حسين امتزاج موجود آهي. ان جي تاريخي ارتقا، فني خصوصيتن ۽ فڪري وسعت کي وڌيڪ مستند نموني سمجهڻ لاءِ ڪافيءَ ۽ وائيءَ جو تقابلي مطالعو، ڪافي گو شاعرن جي ڪلام جي چنڊچاڻ ۽ موسيقيءَ توڙي لساني پهلوئن تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ ضروري آهي. اهڙي تحقيق سان سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ ڪافيءَ جي ادبي حيثيت وڌيڪ مستحڪم ٿيندي.

حوالا:

1. آڏواڻي ڪلياڻ :لوڪ ادب جي سهڻي صنف ڪافي (هيروٽڪر)سنڌي بولي تحقيقي جرنل ڪافي نمبر جنوري مارچ 2014 ص-8
2. جويو تاج :جديد سنڌي شاعري نوان لاڙا ،رجحان ۽ ڏارائون ،ڪلاچي تحقيقي جرنل ص 30 مارچ 2008 ،شاهه عبداللطيف يٽائي چيئر ڪراچي .يونيورسٽي
3. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر :سنڌي ادب جو تنقيدي اپياس ص92 پهريون چاپو جنوري 1996 روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
4. مولانا غلام محمد گرامي،مولانا گراميءَ جون تحريرون ،ص324،سنڌي ،ادبي بورڊ ڄامشورو 2009
5. راشدي پير حسام الدين :ڳالهيون ڳوٺ وڻ جون ص622 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
6. عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر :1963ع مقالو قديم سنڌي شعر تي هڪ نظر ،سوڪڙي،سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جو تحقيقي جرنل
7. غلام علي الانا ڊاڪٽر :گنان شناسي ،ص 535 ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد
8. درگاهي اختر :اتر سنڌ ۾ ڪافي رنگ سنڌي بولي ص:57جنوري مارچ 2014ع تحقيقي جرنل سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد
9. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر :تذڪره شعراء سکر مطبوعه 1965ع
10. شمس الدين عرساڻي ڊاڪٽر ،فڪر ۽ فن جو ميلاپ مصري شاهه جي شاعري ،ماهوار ڪينجهر ص15 2004
11. ربڙنو مجاورآخوند: "ڪافي" مصنف مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ص 72 طالب المولیٰ اڪيڈمي ،هالا چاپو ٽيون جنوري 2014
12. طالب المولیٰ مخدوم محمد زمان: "ڪافي"ص:73 طالب المولیٰ اڪيڈمي ،هالا ،چاپو ٽيون جنوري 2014،
13. مولانا غلام محمد گرامي ،مولانا گراميءَ جون تحريرون ص:325 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو2009
14. مخمور بخاري ڊاڪٽر :،سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ص:111 پهريون چاپو 2011 ثقافت ڪاتو حڪومت سنڌ
15. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر: سنڌي ادب جو تنقيدي اپياس ص:92 پهريون چاپو جنوري 1996 روشني پبليڪشن ڪنڊيارو
16. راشدي حڪيم سيد عبدالغفار شاهه ،ڪافي مصنف :مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ص:50 طالب المولیٰ اڪيڈمي هالا چاپو ٽيون جنوري 2014
17. موسوي سيد عطا حسين شاهه: ،ڪافي ،مصنف :مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ص:55 طالب المولیٰ اڪيڈمي ،هالا چاپو ٽيون جنوري 2014
18. عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر: ،ڪٿمال ص:503 چاپو پهريون 2002 انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو
19. حفيظ خان ڪافي وادي سنڌ کي شعور کي تاريخ :ص22 چاپو ٻيون جولاءِ 2016 بي پي ايڇ پرنٽرز لاهور

20. حفيظ خان ڪافي وادي سنڌ کي شعور کي تاريخ :ص22 چاپو ٻيون جولاءِ 2016 بي پي ايڇ پرنٽرز لاهور
21. مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ :ڪافي ص:78 چاپو ٽيون جنوري 2014ع طالب المولیٰ اڪيڈمي هالا
22. اسد الله شاهه بيخود حسيني ڊاڪٽر: ڇهه ماهي سنڌي ادب مضمون "سنڌي شعر جي مختلف وزنن جو تحقيقي جائزو ليکڪ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ص 16 انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
23. نواز علي شوق ڊاڪٽر:ڪلام عثمان فقير سانگي ص:114 ڇپائيندڙ :شاهه نصير الدين ادبي ۽ ثقافتي ڪاميٽي نوشهرو فيروز
24. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد پهريون ص:393 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
25. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد پهريون ص:410 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
26. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد پهريون ص:474 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
27. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد ٽيون ص: 1251سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع
28. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد ٽيون ص: 29سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع
29. مخمور بخاري ڊاڪٽر: ،بيدل 16 ص19 بيدل يادگار ڪاميٽي 2016
30. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد ٽيون ص: 1304سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع
31. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد ٽيون ص: 1148سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع
32. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد ٽيون ص: 1203سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع
33. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد ٽيون ص: 1347سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع
34. نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر :ڪافيون جلد ٽيون ص: 1205سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع